SCAN TO VERIFY
LAW DEPARTMENT
GOVERNMENT OF SINDH
www.sindhlaws.gov.pk

سنڌ ايڪٽ نمبر VI مجريہ 1985

SINDH ACT NO.VI OF 1985

سنڌ قانون (ترميم) ايڪٽ، 1985

THE SINDH LAWS (AMENDMENT) ACT, 1985

فهرست (CONTENTS)

تمهيد (Preamble)

دفعات (Sections)

1. مختصر عنوان ۽ شروعات

Short title and commencement

2. 1966 جي اولهہ پاڪستان آرڊيننس XX جي دفعہ 30 جي ترميم

Amendment of section 30 of West Pakistan Ordinance XX of 1966

3. 1975 جي سنڌ ايڪٽ XV جي دفعہ 8 جي ترميم

Amendment of section 8 of Sindh Act XV of 1975

سنڌ ايڪٽ نمبر VI مجريہ 1985

SINDH ACT NO.VI OF 1985

سنڌ قانون (ترميم) ايڪٽ، 1985

THE SINDH LAWS (AMENDMENT) ACT, 1985

[16 ڊسمبر 1985]

ايڪٽ جنهن ذريعي سنڌ ڪاٽن ڪنٽرول آرڊيننس، 1966 ۽ سنڌ ماليات ايڪٽ، 1975 ۾ ترميم ڪئي ويندي.

تمهيد (Preamble)

جيئن تہ سنڌ ڪاٽن ڪنٽرول آرڊيننس، 1966 ۽ سنڌ ماليات ايڪٽ، 1975 ۾ ترميم ڪرڻ ضروري ٿي پئي آهي، جيڪا هن ريت هوندي؛

ان کي هن ريت جوڙي نافذ ڪيو ويندو:

مختصر عنوان ۽ شروعات

Short title and commencement

1.(1) هن ايڪٽ کي سنڌ قانون (ترميم) ايڪٽ، 1985 سڏيو ويندو.

(2)هي فوري طور لاڳو ٿيندو.

1966 جي اولهہ پاڪستان آرڊيننس XX جي دفعہ 30 جي ترميم

Amendment of section 30 of West Pakistan Ordinance XX of 1966

2. سنڌ ڪاٽن ڪنٽرول آرڊيننس، 1966 جي دفعہ 30 جي ذيلي دفعہ (2) ۾، شق (1) لاءِ هيٺين ريت متبادل ٿيندو:

"(1) فيس فيڪٽرين جي مالڪن يا ڪاٽن ڊيلرس يا ڪمپنين جي ميئنيجرن طرفان حڪومت جي بيان ڪيل اگهہ تي ادا ڪئي ويندي:

(i) ڪپهہ جي فصل سان لاڳاپيل زراعت جي

ترقي ۽ سڌاري لاءِ؛

(ii) سنڌ لوڪل گورنمينٽ آرڊيننس، 1979 تحت جوڙيل ڪائونسل طرفان سنڀاليل مقامي علائقن جي ترقياتي اسڪيمن لاءِ پنجويهه سيڪڙو في اوڳاڙي ويندي؛ ۽

(iii) هن آرڊيننس جي انتظاميه جا خرچ پڪا پورا ڪرڻ لاءِ؛".

3. سنڌ ماليات ايڪٽ، 1975 جي دفعه 8 ۾:

(a) ذيلي دفعه (1) ۾:

(i) لفظ "ترقي" ختم ڪيو ويندو؛

(ii) لفظ "چانور" ۽ لفظ "۽" وچ ۾ لفظن ۽ ڪامائن "۽ سنڌ لوڪل گورنمينٽ آرڈيننس، 1979 تحت جوڙيل ڪائونسل جي هٿ هيٺ آيل مقامي علائقن جي ترقياتي اسڪيمن لاءِ" شامل ڪيا ويندا؛

(b) ذيلي دفعه (3) کانپوءِ هيٺين ذيلي دفعه شامل ڪئي ويندي:

"(4) ڪائونسلن جي هٿ هيٺ ترقياتي اسڪيمن لاءِ مختص ڪيل فنڊس گذريل سال دوران اوڳاڙيل ٽوٽل فيس جي پنجويهه سيڪڙو کان وڌيڪ نه هوندا."

1975 جي سنڌ ايڪٽ XV جي دفعه 8 جي ترميم

Amendment of section 8 of Sindh Act XV of 1975

نوٽ: ايڪٽ جو مذڪوره ترجمو عام ماڻهن جي واقفيت لاءِ آهي جيڪو ڪورٽ ۾ استعمال نٿو ڪري سگهجي.